# وطن پرستي

## يا

## جيئي سنڌ تحريڪ

## سنڌي قوم

## کي اڪيلو ڪري

## مارائڻ چاهي ٿي؟؟!

عبدالواحد آريسر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وطن پرستي جو ڏوھ باسي جوان ھمت ۽ دليري سان
ٽپاس ڏيڄي ۽ ڪون وڏن ٽيون وڻن ٽمون ڏاڍيون سي ٻار مونکي

---

نتي ڪڏهي بيڪ ۾ بخشيل ڪڪن ۾ ويڙهيل بهار مونکي
نٿيون ڪو اتساھ ڏيڻي جهڪا انهيءَ خزان سان آ پيار مونکي

"آمي زمهني"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جو نالو : وطن پرستي

ڇپائيندڙ : بارڙ پبلڪيشن حيدرآباد سنڌ

ڇپجڻ جي تاريخ : ڊسمبر ۱۹۸۷ع

ڇاپو : هڪ هزار

قيمت : 8/-



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنھنجي پاران

جڏهن غلام قومون آزاديءَ جي لال ڪنوار ماڻڻ لاءِ پنهنجا پرچائي، رلال لهو جي ريت رچائي، پنهنجي منزل ڏانهن سفر ڪنديون آهن. تڏهن سامراج پنهنجي دلالن جي ذريعي سياسي مونجهارا پيدا ڪندو آهي ۽ نفسياتي حربا استعمال ڪندو آهي. هن وقت جڏهن سنڌي قوم ۾ احساس پيدا ٿيو آهي ته اسان جي مٿان خاڪوت قائم آهي. اسان محڪوم آهيون. سنڌ جي زمين، ڪارخانا بندرگاهه، تيل جا کوهه، گيس، کاڻيون، مطلب ته سنڌ جي مڪمل اقتصاديات تي ڌارين جو ڪنٽرول ۽ اسان جي تاريخ، ثقافت ۽ مٽي ٻوليءَ سان به عمت چراند ڪئي پئي وڃي، سنڌ جي سياست، سنڌي عوام جي تقديرن جا فيصلا قلوپطرا (اسلام آباد) ۾ ٿي ڪري سنڌ جي غيرت مند عوام محسوس ڪيو آهي ته اسان سائيه ۾ هوندي سورن ۾ سڙون ٿا ۽ جني باق به پاهر ٿا ڪيون ته ڪافر، ملڪ دشمن سڏجون ٿا انهيءَ ڪري جو اسان غلام آهيون، ڪنهن چيو آهي ته "اي لوڪو مونکي مبارڪون ڏيو. اڄ مونکي پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غلاميءَ جو احساس ئي نه آهي، ۽ يقينن اهو احساس آزاديءَ جي بشارت آهي“.

وڌيڪ لکيارين جي لکڻ لٽ ۽ پيٽ کان پنهنجا پاڻ ڪسي سنڌ اڳيان لاڏون لهڻ گهوٽ ڪٽا ويا جن جا هو کيچ ڪاٺي رهيا هيون. ۽ اڄ سينگاريل سڄيون سيجون ڏسي ماتم ڪري رهيون آهن. انهن شهيدن جي ريٽي رت انهيءَ احساس (حقيقت) کي وڌائي اهو وڻ ڪيو آهي، جنهن کي جلادن وحشين جا ڪات ڪهاڙا نه ڪپي سگهندا.

انهن سياسي مونجهارن کي سمجهڻ لاءِ ۽ نفسياتي حربن کي ختم ڪرڻ لاءِ اسان توهان ديش واسين تائين سنڌ جي محب وطن اڳواڻن جو مواد پهچائڻ جو عزم ڪري ڀارڻ پبليڪيشن حيدرآباد قائم ڪئي آهي، جنهن ذريعي توهان تائين قومي مواد پهچائيندا رهنداسين.

هن ڪتاب ۾ چوٿين دنيا جي مفڪر سائين عبدالواحد آريسر کان ١٩٨٤ع ۾ ڪنهن ڪچهريءَ ۾ سوال پڇيو ويو هو جنهن جي ڏيڍ ڪلاڪ جواب ۾ سائين هر نفسياتي حربي کي فهل ڪيو آهي ۽ هر سياسي، مونجهاري کي سلجهايو آهي. اسان ڪوشش تان سندس جواب اتاري جيئن جو تيئن توهان آڏو پيش ڪيو اٿئون.

آئون پنهنجي هي ننڍڙي ڪوشش شهيد غلام رسول برهماڻي (مستانو) جي نالي ڪريان، جنهن ڪي آزاديءَ جي قافلي سان بيحد عشق هو انهيءَ عشق جي راهه ۾ ڪاله سن جي سهد جي ڪوٽ ۾ ريٽو رت ڏيئي آزاديءَ جي وڻ جي آبياري ڪري ويو جابرن جي گولين جا گهاءَ ته سٺائين مگر ڪنهن جو ڀاڙي نه جذبائين اسان شهيد جي غيرتمند خون جو قسم کڻي وچن ٿا ڪيون ته اسان سنڌي قوم کي متحد ڪري انهن جابرن جو ناپاڪ وجود هن مقدس ڌرتيءَ تان ختم ڪنداسين. سنڌس ڪنول جهنڊو حيدرآباد جي قلعي تي جهولائينداسين.

هن وقت به سنڌس گيت جو ٿل منهنجي ڪنن ۾ گونجي رهيو آهي ته.

سائي آهي، سائي رهندي، سنڌ اسانجي سائي رهندي قوم نه ڪائي ڏاري رهندي، سنڌ اسانجي سائي رهندي.

غلام حيدر پنهور

حيدرآباد

15 ڊسمبر 1987ع

# سوال

سوال:- جيئي سنڌ تحريڪ پاڪستان ليول تي سياست نٿي ڪري ۽ سندس اهو عمل سنڌي قوم کي اڪيلو ڪري مارائڻ جي برابر آهي؟ انهي باري ۾ توهان جو ڪهڙو رايو آهي؟

جواب:- اهو سوال سنڌ ۾ اهي ماڻهو اٿارين ٿا، جيڪي پاڪستان جي 36 سالن جي تاريخ ۾ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ سنڌي ماڻهن کي سنڌي عوام کي سنڌي قوم کي پنجاب سان لاڳاپيل رکڻ. ٻين لفظن ۾ انهن چئجي ته سنڌي ماڻهن کي، سنڌي قوم کي ڇو ڪيو ٻڌي پنجاب جي جهولي ۾ اڇلائڻ جا ذميوار پئي رهيا آهن. جڏهن جيئي سنڌ تحريڪ اهڙي جي قسم اهڙي عمل جي مخالفت ڪئي ۽ هن سنڌي ماڻهن کي مشورو ڏنو ته سنڌي ماڻهن کي سنڌ جي سياست جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ وٺڻ گهرجن. سنڌ جي سياست اهڙن جي حوالي نه ڪرڻ گهرجي. جيڪي پاڪستان نظريه اسلام يا ٻئي ڪنهن معاشي اقتصادي نظريئي جي آڙ ۾ سنڌي ماڻهن کي غلام ۽ محڪوم رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهڙن ماڻهن کان سنڌ جي سياست جون واڳون ڦري، سنڌي ماڻهن کي پنهنجي هٿ ۾ وٺڻ گهرجن. جڏهن جيئي سنڌ تحريڪ سنڌ جي اندر سنڌي قوم وٽ اهو پروگرام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ اهي به ماڻهو هئا جن پنجابين جي خوشامد لاءِ سنڌي زبان، سنڌي تهذيب، سنڌ جي ثقافت، سنڌ جا ثقافتي ادارا، سنڌ جو رڪارڊ، سنڌ جا پيسا سڀ پنجاب جي حوالي ڪيا ته پنجاب ڪجهه راضي ٿيندو ۽ سنڌ کي حق ڏيندو. پر ان مان ثابت ٿيو ته پنجابين جي ڪيڏي به خوشامد ڪئي وڃي پر پنجابي ڪجهه ڏيڻ لاءِ تيار ناهن

اهي ماڻهو سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح پنجاب جا آلاڪار آهن جيڪي سنڌي ماڻهن جي نفرت جيڪا سنڌ ۾ پنجاب جي خلاف پيدا ٿي آهي ان کي ختم ڪرڻ چاهين ٿا.

آءٌ تازو سانگهڙ ضلعي جي ڳوٺ شاهپور چاڪر ويس. شاهپور چاڪر ۾ مونکي هڪڙو عوامي تحريڪ جو ماڻهو مليو. اڃا آءٌ هوٽل ۾ ويٺو ئي مس هوس چانهه پيئڻ لاءِ ته مينهن، واءُ، طوفان ڪندو اتي اچي ڪڙڪيو، پوءِ مونکي خبر پئي ته اها هوٽل ان جي آهي. تمام روايتي مهمان نوازي يا آڌر ڀاءُ وارن آدابن کي پاسيرو رکندي مونکي چيائين ته توهان ته چيو هو ته ڀٽي جي مرڻ کانپوءِ سنڌين ۾ آزاديءَ جي لهر پيدا ٿيندي سا ڪٿي؟ مون چيو ها پيدا ٿي پنجابين جي خلاف نفرت جي لهر ۽ انهيءَ نفرت جي لهر تازو سنڌ جي ميدانن، سنڌ جي پيلن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي رستن تي پنهنجو مظاهرو ڪيو ۽ سنڌي ماڻهن تحفي طور پنجابين کي فوجين جا لاش ڏياري موڪليا ته هن هڪدم چيو ”انهيءَ لهر جي تومان مخالفت ڪئي“ مون چيو ته اسان ان لهر جي نه پر انهن ڪوششن جي مخالفت ڪئي جيڪي ڪوششون انهيءَ لهر کي وري پنجاب جي جهوليءَ ۾ اڇلائڻ لاءِ ڪيون ٿي ويون. اهي ايم آر ڊي جون ڪوششون هيون ته ۷۳ جو آئين، پاڪستان بچايو ۽ سنڌي پنجابي گڏ ٿيو. اسان انهيءَ لاڙي جي انهيءَ رويي جي مخالفت ڪئي هئي. اسان انهن ماڻهن جي مخالفت ڪئي هئي جن انهيءَ نفرت کي جهڪو ٿي ڪيو ته هن وقت ۾ جيڪا نفرت پيدا ٿي آهي ته اها هڪ طرف نظرياتي طرح ٻئي طرف عملي طرح الهيءَ کي جهڪو ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪن. هاڻي وري نئون شوشو تازو برسات اخبار ۾ لکيو ويو سائين جي – ايم سيد ڏانهن اشارو هنن لکيو ته جيئي سنڌ وارن کي چوٽ هئي ته هو بي بي سي جي نمائندن کي گهرائي انٽرويو ڏيئي سنڌي ماڻهن کي دنيا کان اڪيلو ڪري مارائين ۽ مون جڏهن اهو جملو پڙهيو ”دنيا کان اڪيلو ڪري مارائين“ ان وقت مون کي ڪل اچي وئي ڇو ته هو جڏهن پاڪستان جو نالو وٺن ٿا تڏهن به هنن جي مراد هوندي آهي پنجاب کان ڊار ڪرڻ ۽ جڏهن

دنيا جو لفظ ٻڌن ٿا تڏهن به هنن جي دنيا سموري هوندي آهي پنجاب. ڪنهن چيو هو ته روسين جي خيال ۾ دنيا ماسڪو کان ٿي شروع ٿئي ۽ آمريڪن جي خيال ۾ دنيا وائيٽ هائوس کان ٿي شروع ٿئي. پر هن لکيو ته آئون سمجهان ٿو ته دنيا روس کان ٿي شروع ٿئي روس کان پوءِ ماسڪو کان ٿي شروع ٿئي ماسڪو کان پوءِ تاشقند کان ٿي شروع ٿئي، تاشقند کان پوءِ داگستان کان ٿي شروع ٿئي. داگستان کان پوءِ منهنجي گهر کان ٿي شروع ٿئي. ڇو ته منهنجو گهر منهنجو گهر آهي، منهنجي لاءِ اهئن آهي ته دنيا منهنجي گهر کان شروع ٿئي. سو اسان جا دوست، اسان جا لکندڙ جڏهن دنيا جو لفظ ٻڌن ٿا تڏهن هنن جي دنيا پنجاب جي انار ڪليءَ مان ٿي شروع ٿئي هنن جي مراد وري به دنيا کان ڪڍي معنيٰ پنجاب کان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

انهيءَ لاءِ آئون توهان کي عرض ڪندس ته دنيا ۾ آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ قوم ڪا به قوم اها آفريڪا جي قوم هجي يا لاطيني آمريڪا جي. يورپ جي هجي يا ايشيا جي. آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ ڪا به قوم هڪ ئي وقت ٻن متضاد ڳالهين ٻن اهڙن ڳالهين ڏي جدوجهد ڪندي آهي. هڪڙي طرف هو پنهنجو پاڻ کي اڪيلو، ڌار، منفرد ۽ پنهنجو پاڻ کي انفرادي حيثيت ۾ پيش

ڪندي آهي ۽ ٻئي طرف هو سڄي دنيا سان اتحاد، سهڪار لاءِ ڪوشش ڪندي آهي.

هو پنهنجو پاڻ کي ڌار، اڪيلو، انفراديت، منفرد حيثيت ۾ پيش ڪندي آهي ظالم، آقا، غلام بڻائيندڙ کي. هو آقا، غلام بڻائيندڙ ۽ ظالم قوم کان هر خصوصيت ۾، هر نشاني ۾، هر علامت ۾ هر اداري ۾ تهذيبي طرح، ثقافتي طرح، لساني طرح، سياسي طرح هر شيءِ ۾ هو آقا قوم کان پنهنجو پاڻ کي اڪيلو ۽ منفرد قوم طور پيش ڪندي آهي.

هو آقا قوم کان هر طرح جا ناتا ۽ رشتا ٽوڙي ڇڏيندي آهي. هو هر طرح آقا قوم سان ثقافتي ٽوڙي فني ادبي ٽوڙي لساني رشتا ۽ ناتا وقتي طور ختم ڪري ڇڏيندي آهي. آقا قوم جي هر شيءِ هن لاءِ قابل نفرت هوندي آهي. ان ڪري هن جو ٽورو به لاڙو ان شيءِ ڏانهن وڌيڪ ٿورو به ان جي نفرت ۾ نرمي آئي ته اها نرمي هن لاءِ وري به آقا قوم کي وڌيڪ ٿيڻ يا آقا قوم جي جهولي ۾ ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي. ان ڪري هو آقا کان هر طرح پنهنجو پاڻ کي ڌار ڪندي آهي. آقا قوم جي سياست غلام سازي واري سياست هوندي آهي ۽ محڪوم قوم جي سياست آزادي سازي واري سياست هوندي آهي. غلامي کي ٽوڙڻ واري سياست هوندي آهي. آقا قوم

جي ثقافت پنهنجي ثقافت کي غالب ڏيارڻ واري ثقافت هوندي آهي. ٻين ثقافتن کي ختم ڪرڻ واري ثقافت هوندي آهي. پر محڪوم قوم جي ثقافت محڪوم قوم جا ثقافتي لاڙا سموري دنيا جي ثقافتي قدرن کي وڌندو ويجهندو ڏسڻ وارا ۽ پنهنجي ثقافت تان غيرملڪي ثقافت جو غلبو هٽائڻ وارا نالا هوندا آهن.

حاڪم قوم جو لساني نظريو اهو هوندو آهي ته اسان جي زبان دنيا جي سڀني محڪوم قومن جي زبانن کان مٿي يا بالاتر آهي. پر محڪوم قوم جا لساني لاڙا زبان جي باري ۾ ايئن نه هوندا آهن. هو ايئن سمجهندي آهي ته منهنجي زبان ڏاڍي پياري زبان آهي. منهنجي زبان ڏاڍي مٺي زبان آهي. منهنجي زبان به دنيا جي انهن زبانن جهڙي آهي جيڪي دنيا جي تخت تي راڄ ڪن ٿيون، حڪومتون ڪن ٿيون، جن جي ذريعي حڪومتن جا ڪاروبار هلن ٿا.

آقا قوم جا اقتصادي معاشي لاڙا سمورا ڦرلٽ تي ٻڌل هوندا آهن ۽ محڪوم قوم جا اقتصادي معاشي لاڙا ڦرلٽ کان آزاد ٿيڻ ۽ آزاد سماجي ڍانچو اڏڻ وارا هوندا آهن. ان ڪري محڪوم قوم آقا قوم کان هر طرح سان الڳ هوندي آهي، هر طرح سان ڪٽيل هوندي آهي، هر طرح سان الڳ ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهين ڏسو ويٽنام تي فرانسين جو قبضو هو. هوچي منهه فرانس ۾ وڃي اتان ڪميونزم جي تربيت وٺي آيو ويٽنام ۾، ويٽنام ۾ اچڻ کان پوءِ چيائين ته آئون ويٽنامي آهيان. آئون فرانسيسي ڪونه آهيان يا هن ويٽنام جي ماڻهن کي اهو ڪڏهن ڪونه چيو ته توهان جيڪڏهن فرانسين کان الڳ پنهنجي حيثيت قائم ڪئي يا فرانس کان الڳ ٿيو يا فرانس جي ڪميونسٽ پارٽي کان توهان پنهنجي الڳ ڪميونسٽ پارٽي ٺاهي ته پوءِ توهان اڪيلا ٿي مارجي ويندا.

پر هن انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو ته ٺيڪ آهي فرانس ۾ ڪميونسٽ پارٽي آهي ته اها اتي رهڻ کپي. فرانس اعليٰ قدرن جو ملڪ آهي ته اهي اعليٰ قدر انهيءَ جي لاءِ رهڻ کپن، مونکي پنهنجي ملڪ جا قدر کپن. فرانس جي سياست ڪهڙي به هجي اها پارليامينٽ جمهوريت جي ماءُ هجي پر منهنجي ملڪ تي حاڪم آهي- هتي (ويٽنام) هو جمهوريت ۽ آزادي لاءِ راڪاس بڻيو ويٺو آهي. انهيءَ ڪري منهنجي سياست منهنجي جدوجهد فرانس جي جدوجهد کان الڳ آهي. هن (هوچي مونهه) هر طرح سان ويٽنامي ماڻهن کي فرانسيسي اتحادين ۽ فرانسيسي پارٽين ۾ شريڪ ٿيڻ کان روڪيو ۽ هن پنهنجي پارٽي ڌار ٺاهي. ٻي ڏسو الجزائر ۾ جنگ آزادي ٿي. اسين ڪڏهن به هڪ

ته ڪري سگهي ٿو پر هندستان ۾ سنڌ گولن جي خلاف هڙتال نٿو ڪري سگهي. احتجاج نٿو ڪري سگهي. هو سامراج کي توسيع ۽ سامراج کي مضبوط ڪرڻ جي لاءِ برطانوي ملن کي به چالو رکيو اچي، پورهيو ڪندو اچي ۽ گانڌي انهيءَ ڪري عظيم آهي، انهيءَ ڪري ترقي پسند آهي، انهيءَ ڪري سامراج دشمن آهي ته هو عالمي سامراج جي گلي ڪٽڻ لاءِ هندستان ۾ انگريزن تي وار ڪري رهيو آهي.

هندستان جي ماڻهن سمجهيو ٿي ته آقا ملڪ جون تنظيمون جيڪي به آهن سي پنهنجي ملڪ سان وفادار آهن، پوءِ ٻين لاءِ ٿي سگهن ته ٿي سگهن ٻي صورت ۾ نه!

اڄ ٻه ٽي مثال ڏيان، جيڪي اسان جا دوست پاڻ کي ترقي پسند سڏائين ٿا. انهن جي سامهون هڪ مثال آهي ته جارج حباش وڙهي پيو فلسطين جي آزاديءَ لاءِ. ڪميونسٽ آهي، مارڪسزي، سڄي دنيا هن کي مڃي ٿي ته ڪميونسٽ آهي عربن جو مارڪس کي مڃي ٿو ۽ سڀ کان وڏي ويڙهاڪ تنظيم جارج حباش جي آهي، اسرائيل ۾ ڪميونسٽ پارٽي موجود آهي. ليڪن جارج حباش اسرائيل جي ڪميونسٽ پارٽي ۾ شريڪ ڪونه ٿيو آهي، پر هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي ان جو ڏهون حصو به اڻهري بسمت جو نه ڏهڙڪندو هوندو.

سنڌ جي آزديءَ لاءِ جيترو درد، جذبو جولان جي ايم سيد جي دل ۽ دماغ ۾ پيدا ٿي سگهيو، ان جو ڪڙون حصو به ڪنهن پنجابي جي دل ۾ نٿو ٿي سگهي. يا پنجابين سان ناٽه ڪرڻ وارن جي دل ۾ سوال ڏي پيدا نٿو ٿئي.

هڪ طرف اها ڳالهه اسان کي بنهنجي ماڻهن جي اڳيان واضح ڪرڻي آهي ته سنڌي ماڻهو هر ڳالهه ۾، هر خصوصيت ۾، هر شيءِ ۾ پنجابين کان الڳ آهن. پنجابين سان سنڌين جي سياست، گڏيل جو نتيجو غلاميءَ جي صورت ۾ نڪتو آهي ۽ نڪرندو. پنجابين ۽ سنڌين جي ثقافت ۽ اقتصاديات گڏجڻ سان، سنڌين جي ثقافتي ۽ اقتصادياتي غلامي وارو نتيجو نڪتو آهي ۽ سنڌي، اقتصادي. ثقافتي طور محڪوم ٿي ويا آهن ۽ وڌيڪ ٿيندا. پنجابين سان پارٽي بڻائڻ تي اتحاد ڪرڻ سان جهڙي طرح سنڌي اڄ ڏينهن تائين مار کائيندا آيا آهن ۽ آئينده به مار کائيندا رهندا ۽ سنڌين ۾ پنجابين جي لاءِ اهڙو جيترو نرم گوشو پيدا ڪندا اهين، محبت پيدا ڪندا سين ته پنجابي وڌيڪ اچي سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪندا.

اهو دنيا جو دستور آهي، دنيا جي انقلابي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ختم ٿي وينديون آهي، غلام رهي رهي ريڍ ۽ ليڊرز وانگر ختم ٿي وينديون.

ٻئي طرف غلام ملڪ جا ماڻهو، غلام قوم ۽ غلام عوام ٻئي طرف جيڪا جدوجهد ڪندو آهي اها جدوجهد سموري دنيا جي ترقي پسند، سموري دنيا جي آزادي ۽ امن جي علمبردار قومن سان اتحاد ۽ سهڪار ۽ اهو اتحاد ۽ سهڪار انساني قدرن آزادي، خوشحالي ۽ امن جي بنياد تي هوندو آهي. ان ڪري اسين جڏهن پنجابين کان ڌار ٿيڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون، ته ان وقت اسين ٻين سان چوان ٿو ته اسان دنيا ۾ اڪيلا ناهيون. ان وقت هندستان جي سهڪار جي توقع رکي سگهون ٿا ۽ انهن جي جائز پنهنجي ملڪ جي حفاظت ۽ ملڪ جي ترقي ۽ تعمير لاءِ جيڪا جدوجهد ڪن ٿا ان ۾ اسان عملي طرح حصو وٺي نٿا سگهون ته گهٽ ۾ گهٽ اسان جون نيڪ تمنائون دعائون، تمنائون اسان ان ۾ ضرور شامل آهن ته خدا ڪري وڌندا ۽ ويجهندا رهن.

ساڳي طريقي سان جيڪڏهن ايران جو عوام اتي جي ملان شاهي آمريت ۽ سامراجيت جي خلاف جدوجهد ڪري ٿو ته ان سان به اسان جون تمنائون ۽ نيڪ نيتون، خواهشون ضرور گڏ آهن ۽ ساڳي خواهش اسان به انهن ۾ رکون ٿا ته هندستان جا ماڻهو

۽ هندستان جي قوم، هندستان جا وطن دوست ۽ آزادي انصاف چاهيندڙ ماڻهو اسان جو به سهڪار ڪندا.

ان ڪري اسين نظرياتي ۽ ذهني طرح هندستان جي عوام کان ڪٽيل ناهيون ۽ اسان ذهني ۽ نظرياتي طرح ايران جي عوام کان ڪٽيل ناهيون. اسان ذهني ۽ نظرياتي طرح افغانستان جي انهن حريت پسند ماڻهن کان ڪٽيل ناهيون. جيڪي آمريڪي سامراج ۽ ان جي دلال پاڪستاني فوجي ٽولو ۽ پنجاب سامراج خلاف جدوجهد ڪن ٿا پيا. اسان ذهني طرح انهن کان ڪٽيل ناهيون. اسان ذهني طرح فلسطين جي ماڻهن سان به گڏ آهيون، اسان جارج حباش سان به گڏ آهيون ۽ اسين ساڳي توقع رکون ٿا ته هو به اسان سان گڏ هوندو. ذهني طرح گڏ هوندو ۽ وڌيڪ ڪجهه نه ڪري سگهندو. اسان ذهني طرح خواهش جي لحاظ سمجهون ٿا ته سوويت يونين جي ماڻهن سان گڏ آهيون ۽ اهي به اسان سان گڏ آهن. يعني وسيع طرح عالمي سامراج جي خلاف جيڪا جدوجهد هلي ٿي. وڏي جي خلاف هو ٿو وڙهي ۽ ان جا ننڍڙا پلونگڙا آهن وڏي سامراج جا انهيءَ سان اسان ٿا وڙهون.

ساڳي وقت پارٽ جي عوام خلاف جيڪي ڪوششون ٿين ٿيون. پارٽ جي جمهوريت ۽ آزاديءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ، جيڪي سازشون ٿين ٿيون ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان تي به ڪوششون ڪندڙ ۽ ڪندڙن جا جيڪي ان جا سرپرست آهن انهن تي تعبرا ڪيون ٿا ۽ انهن تي لعنت ڪريون ٿا.

ساڳي طريقي سان افغانستان جي حڪومت، ترقي پسندانه نظام ۽ افغانستان جي اندر صالح صلاحيت وارا ماڻهو آيا آهن انهن جي خلاف افغان پڳوڙا جيڪي بدمعاشي واريون ڪارروايون ڪن ٿا. اسان انهن تي لعنت وجهون ٿا. اهڙي طريقي سان اسان لاطيني آمريڪا ۾ ايسل وادور ۾ نڪاراگوا ۾ ارجنٽائن ۾ جتي جتي به سامراج جون پٺو قوتون اتي جي حريت پسند اتي جي آزادي پسند اتي جي آزادي چاهيندڙ ماڻهن جي خلاف وحشيانه ڪارروايون ڪن ٿا. اسان انهن قوتن تي لعنت ٿا وجهون ۽ اسين گهٽ ۾ گهٽ اهو چئون ٿا ته (اهي ماڻهو جيڪي وفاداري جي جذبي سان سرشار آهن، انهن ماڻهن تائين اسان جا سلام پهچائي ڇڏيو پوءِ جتي به هجن، جيتوڻيڪ انهن ماڻهن تائين اسان پهچي نٿا سگهون) ۽ ساڳي خواهش اسين اتي جي ماڻهن کان، عوام کان، اتي جي قوم کان ڪريون ٿا، اها آهي بنيادي فڪري ڳالهه آزادي چاهيندڙ قوم ۽ ملڪ جي ماڻهن جي هو وڙهندا آهن آقا ملڪ جي خلاف ۽ ان کان الڳ هوندا آهن ۽ سموري دنيا جي انصاف پسند ماڻهن سان هوگڏ هوندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ ڪئيو. سائين سنڌي ماڻهن کي پارت جي ماڻهن
کان ڪونہ ڪئيو. سائين سنڌي ماڻهن کي افغانستان
جي ماڻهن کان ڪونہ ڪئيو. سائين سنڌي ماڻهن کي
بلوچستان جي ماڻهن کان ڏار ڪونہ ڪيو. سائين
سنڌي ماڻهن کي ايران جي حريت پسند ماڻهن کان
ڌار ڪونہ ڪيو. سائين سنڌي ماڻهن کي سويت يونين
جي انهن فولاد سرخ سپاهين کان ڌار ڪونہ ڪيو.
انهن سان تہ سهڪار، انهن سان تہ گڏجڻ جي اپيل
ڪئي. انهن کي تہ ساٿ جي اپيل ڪئي. پر ساڳي
وقت سائين ظالمن، ليٽرن، غاصبن ۽ غلام بڻائيندڙن
کان ڌار ٿيڻ، الڳ رهڻ جي اپيل ڪئي ۽ اها ئي
بنيادي، سياسي اصول ۽ حڪمت عملي آهي محڪوم
قومن جي.

پر هتي ڪجهہ اهڙا دانشور هئا، جيڪي پاڻکي
انقلابي سڏائين ٿا تن الهيءَ جي ابتڙ ڪم ڪيو،
معنيٰ تن عمل ڪيو هوچي منهہ جي ابتڙ. تن عمل
ڪيو بن بلا جي تحريڪ ۽ نظريي جي ابتڙ، انهن
عمل ڪيو جارج حباش جي تحريڪ نظريي جي ابتڙ،
انهن عمل ڪيو فيڊرل ڪاسترو جي تحريڪ ۽ نظريي
جي ابتڙ. انهن عمل ڪيو چرچل جي نظريي تي.
انهن عمل ڪيو روزولٽ جي نظريي تي. انهن عمل
ڪيو خالا زار جي نظريي تي ۽ انهن عمل ڪيو پين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چونڊجي اينڊا انهن جون سيٽون وڌيڪ آهن. اسيمبلي ۾ ۽ پنجابين کي حڪومت ڪرڻ جو آئيني ۽ قانوني جواز ملي ويندو.

معنيٰ هن چيو ته پنجابين جي غير آئيني حڪومت ختم ڪري ۽ آئيني حڪومت بحال ڪريو ته جئين پنجابين کي وڌيڪ حڪومت ڪرڻ جو جواز ملي ۽ انهي ۾ پنجابين جي (جمهوري) *حڪومت کي ڪٿي به چئلينج نه ڪري سگهجي. ڪٿي به ان جي خلاف ٻڙڪ ٻاهر نه ڪڍي سگهجي. جڏهن چئجي، ته پاڪ پنجابي ظلم ٿا ڪن تڏهن انهن وٽ دليل گهڙيو رکيو هوندو ته توهان چونڊيا آهن. جمهوري طريقي سان چونڊجي آيا آهن. جمهوري طريقي جي چونڊيل حڪومت آهي. ان جي خلاف ڇو ٿا احتجاج ڪريو. ته اهو هڪڙي قسم جو پنجاب جو فلسفو آهي ۽ پنجابين جي حڪمت عملي آهي ته پاڪ فوج کي هٽايو. معنيٰ ميجر ظهير کي هٽائي چوڌري چراغ الدين ان جي وڏي پاءُ کي اقتدار ڏئي ڇڏيو ميجر ظهير کي وردي پاتل آهي ۽ هن کي گوڏ پاتل آهي ۽ ترو بدل آهي. ڳالهه ساڳي حڪومت وري به انهيءَ ساڳئي گهر ۾. ميجر ظهير جي غير آئيني حڪومت آهي ۽ چوڌري چراغ الدين جي آئيني حڪومت آهي ۽ چونڊيل حڪومت هوندي ان ڪري چوڌري صاحب جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪومت کي ڪوبہ چئلينج ڪري نہ سگھندو.

ان ڪري اسانجي ليڊر، اسانجي تحريڪ ايئن چيو تہ اسان پنجابين جي غير آئيني غلاميءَ تي لعنت ڪريون ٿا ۽ پنجابين جي آئيني غلاميءَ ۾ وڃڻ لاءِ تيار ناهيون ۽ اسان سنڌ جي آزادي چاهيون ٿا جيڪا غير آئيني حڪومت جي خلاف بہ آزادي جي جدوجهد جاري رهندي ۽ جيڪڏهن پنجابين جي آئيني حڪومت آئي تہ ان ۾ بہ جاري رهندي. پر آئيني حڪومت وڌيڪ خطرناڪ آهي بحيثيت غير آئيني حڪومت جي ۽ غير آئيني حاڪميت جي.

پيو سوال هو اهو ڪندا آهن تہ ڀائي ڪهڙا مظلوم سنڌي تهڙا مظلوم پنجابي، جهڙو هاري سنڌ ۾ تهڙو هاري پنجاب ۾، ظالم پنجاب ۾ بہ آهن، ظالم سنڌ ۾ بہ آهن.“ ان جي ذريعي بہ هو پنجاب ۽ سنڌ کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. معنيٰ تہ پنجابي مظلوم هاري يا پنجابي مظلوم مزدور ۽ سنڌي مظلوم هاري ۽ مزدور ٽئي ڄارئي گڏجي جدوجهد ڪن. ڇا جي لاءِ جدوجهد ڪن؟ جدوجهد ڪهڙي شيءِ لاءِ ڪن؟ اها شيءِ واضح ناهي! پاڪستان جا اهي نظرئي صاحب اها شيءِ واضح نہ ڪري سگهيا آهن. ڪڏهن اسان کي چوندا هئا تہ پاڪستان ۾ اشتراڪيت لاءِ گڏجي جدوجهد ڪريو ۽ جڏهن هنن ڏٺو تہ اشتراڪيت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مخالفت گانڌي جي ڪئي آهي ته هي هندستاني سرمائيدارن جو ايجنٽ آهي ۽ ان مخالفت سان يعني گانڌيءَ جي مخالفت سان معنيٰ سامراج دشمن ڪئمپ کي ڪمزور تي ڪيو هن. ۽ هندستاني سرمائيدارن جي مخالفت ڪري هن برطانوي سرمائيدار جا مفاد تي پورا ڪيا. ته آقا ملڪ جو مزدور ۽ محڪوم ملڪ جو مزدور گڏجي وڙهي نٿو سگهي.

خود پنجاب جو توهان مثال ونو پنجاب جو توهان مثال ونو پنجاب جو مزدور ۽ هاري تاريخي طرح ان تي جيڪي فرض عائد ٿيا ٿي، تاريخي طرح ان تي جيڪي ڪڄالهيون عائد ٿيون ٿي. پاڪستان جي تاريخ ۾ پنجاب جو هاري ۽ مزدور تاريخي فرض ادا ڪرڻ ۾ نه صرف گٿو آهي پر تاريخ جي عدالت پوري طرح مجرم ثابت ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جي ماڻهن ون يونٽ جي خلاف جدوجهد ڪئي. سنڌ جي ماڻهن ون يونٽ کي ڊاهڻ جي جدوجهد ڪئي، سنڌ جا پٽ ۽ ڌيئرون جيلن ۾ ويا، سنڌ جا ماڻهو لٺين ۽ ڏنڊن جي وچ ۾ هئا. سنڌ جي نوجوانن جي رت سان ميدان ڳاڙها ڪيا ويا، سنڌ جي ماڻهن کي گوليون هنيون ويون. ان وقت ۾ آئون سڀني کان پڇان ٿو، اسانجي دوستن کان، اسانجي دشمنن کان، اسانجي مٺ گهرن کان، اسانجي گهٽگهرن کان، اسانجي ڪوڙن همدردن کان،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳو سمجهان ته پنجاب جو عوام بي خبر هجي ۽ بي شعور آهي يا اڻ سمجهه آهي. جيڪڏهن بي سمجهه آهي، اڻ سمجهه آهي، بي شعور آهي ته اهڙن حاڪمن کي اسان تي حڪومت ڪرڻ جو ڪوبه حق ڪونهي جيڪي اسان جي احساسن کي نٿا سمجهي سگهن.

ته انهيءَ ٣٦ سالن جي تاريخي عرصي ۾ پنجاب جي هاري ۽ مزدور، پنجاب جو دانشور، پنجاب جو ماڻهو پنهنجو فرض ادا ڪرڻ ۾ گهٽ آهي. انهيءَ وچ ۾ ڪوششون ڪيون ٿيون آهن. غفار خان پڻ ڪوششن ڪيون ته گڏجون نعپ ٺهي. سائين جي ايم سيد ڪوششون ڪيون، شيخ مجيب الرحمان ڪوششون ڪيون ۽ شيخ عبدالمجيد جهڙن ماڻهن ڪوششون ڪيون، ڊاڪٽر خانصاحب وارا به ان ڪوشش ۾ لڳا رهيا. پر اهي به پنجابي مزاج کي نه بدلائي سگهيا. پر هاڻي مونکي خبر ناهي ته رسول بخش پليجي وٽ ڪهڙي جادو جي چڙي يا علاؤالدين جو چراغ آهي جيڪو پنجابين کي هڪ رات ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو ۽ پنجابي ڪلهه جا غدار ۽ ڪلهه جا قاتل ۽ اڄ مسيحا بڻجي اچي اسان جي ڦٽن جي ملم پٽي ڪندا.

جوش مليح آبادي تمام گهڻو اڳ هڪ شعر ۾ چيو هئائين جڏهن ٻي عالمي جنگ پئي هلي. ان وقت انگريزن چيو هو ته اسين حضرت عيسيٰ جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن ڏٺي جا خواب جاڳندي جا خواب ڏسڻ وا
ماڻهو اهي نه پنهنجو پلو ڪري سگهندا آهن ۽
پنهنجي قوم جون قسمتون بدلائي سگهندا آهن ۽ اه
صرف وهمن ۽ خوابن ۾ هلي هلي آقائن جي خدم
۾ پنهنجون زندگيون پوريون ڪري ڇڏيندا آهن
انهيءَ طريقي سان اسانجا دوست (ايم. آر. ڊي وار
پنجابين جي حڪمراني ۽ پنجابين جي بالادستي ڪ
قائم رکڻ جون ڪوششون ڪن ٿا ۽ اسين سنڌ ج
ماڻهن کي، سنڌ جي نوجوانن کي، سنڌ جي مردن کي
سنڌ جي عورتن کي، سنڌ جي پڙهيلن کي، سنڌ جي سلجه
۽ سڌرن ماڻهن کي، سنڌ جي ٻارڙن ۽ ٻين کي اپي
ٿا ڪيون ته ان مسئلي تي سوچيو، سمجهو ۽ شعو
پيدا ڪريو، ته جيڪي خوبصورت لفظن ۾ وڏن وڏ
حولن سان اهي جيڪي به شيون پيش ڪن ٿا ، سـ
حقيقت ۾ هارناهن پر اهو سورن جو سڳوآهي ۽ اه
هار هي روپ ۾ توهان جي ڳچيءَ ۾ سورن جو سڳ
وجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، انهن کان هوشيار
خبردار رهو.

هي ڳالهه اهي ئي پنجابين جا دلال، اهي ئ
پنجابين جا چاڪر، اهي ئي پنجابين جا خدمتگار
اهي ئي پنجابين جي دؤر حڪمراني ۾ لذت جا انبا

لاءِ تيار آهيون ۽ اهي سڀئي انهن جي غلامي لاءِ تيار ٿي ويندا.

ان وقت ۾ سنڌي ماڻهن کي جي-ايم سيد جي بيان جي روشني ۾ پڇڻ گهرجي ته اسانجي رت جي توهين توهان ڪئي آهي يا جي-ايم سيد؟ اڄ انهن قاتلن سان توهان هٿ ملايو ويٺا آهيو يا نه؟ اهي سنڌي ماڻهو جي قتل ٿيا، جن جي گهرن ۾ روڄ ۽ راڙا هئا، انهن کي ڇا وٺي ڏني آهي ايم آر ڊي ليڊرن؟ جيڪي ان بنگلن جي جهروڪن مان ماڻهن کي ديدار ٿا ڪرائين ۽ جيڪي اڄ بنگلن جي نظربندي مان نڪري پنهنجين بيگمن جي ڪڇن ۾ اچي ستا آهن ۽ پنهين جو سير سپاٽو ٿا ڪن پيا، روڊن ۽ رستن تي ڪارون هلائين پيا. مونکي ٻڌايو ته انهن پنهل خان چانڊيي جي ڳوٺ جي شهيدن لاءِ ڇا ڏنو آهي. انهن لاڪاڻي جي برباد ٿيل گهرن ۽ بيواهن عورتن جي سينڌ ۾ ڪهڙي آزادي ۽ ڪهڙي سهاڳ جو سيندور وڌو آهي. جيڪي اڄ نڪري آيا آهن، توهين ته انهن ڪئي آهي جن سنڌي ماڻهن کي اپاريو، اٿاريو، قبيلن جا قبيلا وٺي آيا، پنهنجا هاري ۽ ناري وٺي آيا، پنهنجن دوستن ۽ احبابن سان ماڻهو وٺي آيا، انهن کي اپيلون ڪيون ۽ جڏهن سنڌي ماڻهن جا اڏيا، رستن تي قرآن پڙهندي انهن جا ابدا ۽ اوجهريون فوجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڏوهه ٿيو سچو جي.ايم سيد جو ته اسان کي وزارت وٺي ڪونه ڏنائون.

ان سوال جي سچي سلسلي جي آخر ۾ آئون سنڌ جي ماڻهن کان اهو پڇڻ چاهيان ٿو ۽ هنن جي مرضي ۽ تي فيصلو ڇڏڻ ٿو چاهيان ته هنن ايم آر ڊي جي ذريعي سنڌي ماڻهن کي روڊن ۽ رستن تي آندو ۽ قتل ڪرايو ۽ ايم آر ڊي سچي آمريڪا جي اشاري تي اٿي هئي ۽ سند به آمريڪا جي اشاري تي ٿي ۽ آمريڪا سامراج سڄي دنيا ۾ اڄ سامراج جي واحد علامت آهي. جنهن تي سموري دنيا جو آزادي پسند، سامراج دشمن ۽ ترقي پسند ماڻهو لعنت ڪري ٿو ۽ ان کان نفرت ٿو ڪري ۽ هاڻي جڏهن سنڌي ماڻهن کي آمريڪا جي جهولي ۾ اڇلائيندا سين، آمريڪا جي چوڻ تي اٿاريندا سين ان وقت ۾ اسان ايئن محسوس ڪريون، ايئن سمجهون ته ان وقت اهو ٿيندو ته اسان سنڌي قوم کي سموري دنيا جي سامراج دشمن، ترقي پسند، محب وطن ماڻهن کان ڪٽي ڇڏيو، ڌار ڪري صرف آمريڪا جي جهولي ۾ اڇلائي ڇڏيو، معنيٰ ڪتي وارو عمل انهن جي چارڻ ڪيو، جن سنڌي قوم کي آمريڪا جي جهولي ۾ اڇلائڻ جي ڪوشش ڪئي.

اسان (جيئي سنڌ وارن) ته آمريڪا سامراج ۽ ان جي پلونگڙي پنجاب کان سنڌي ماڻهن کي ڌار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ ۽ سموري دنيا جي سامراج دشمن، ترقي پسند ۽ مظلوم ماڻهن سان ملائڻ ٿا چاهيون ۽ انهن جون همدرديون حاصل ڪرڻ ٿا چاهيون ۽ اهي همدرديون حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ٿا ڪريون.

ان صورت ۾ هاڻي سنڌ جو ماڻهو پاڻ فيصلو ڪري ته سنڌي قوم کي اڪيلو مارائڻ وارا اهي ايم آر ڊي وارا ۽ ان جا دلال آهن يا اسان؟

پاڪستان ۽ دنيا کان ڪٽڻ واري قسم جا نعرا هڻندڙ، اهڙي ترتيبن ۾ لکندڙ، رسالن ۾ ورڇو ڇپائيندڙ يا نوان نعرا ٺاهيندڙ يا ڪتابن قسم جا چوپڙيون ورهائيندڙ اهي حقيقت ۾ هن ويهين صدي ۾ سنڌي قوم کي آزادي پسند، حريت پسند قومن کان ڪٽي آمريڪا جي جهوليءَ ۾ اڇلائي اهي آل پاڪستاني سنڌي قوم کي مارائڻ چاهين ٿا، اڪيلو ڪري مارائڻ چاهين ٿا.

آمريڪا جي هنج ۾ جيڪو ڪريو اهو سوويت يونين جي همدردين کان محروم ٿيو، آمريڪا جي هنج ۾ جيڪو ڪريو سو ستر ڪروڙ ڀارتي عوام جي همدردين کان محروم ٿيو، آمريڪا جي هنج ۾ جيڪو ڪريو، سو ويٽنام جي عوام جي همدردين کان محروم ٿيو، آمريڪا جي هنج ۾ جيڪو ڪريو سو بنگلاديش جي عوام جي همدردين کان محروم ٿيو، اڄون بنگلاديش

۽ ڏوهه ٿيو سچو جي-ايم سيد جو ته اسان کي وزارت وٺي ڪونه ڏنائون.

ان سوال جي سچي سلسلي جي آخر ۾ آئون سنڌ جي ماڻهن کان اهو پڇڻ چاهيان ٿو ۽ هنن جي مرضي تي فيصلو ڇڏڻ ٿو چاهيان ته هنن ايم آر ڊي جي ذريعي سنڌي ماڻهن کي روڊن ۽ رستن تي آندو ۽ قتل ڪرايو ۽ ايم آر ڊي سڄي آمريڪا جي اشاري تي ائي هئي ۽ سنڌ ۾ آمريڪا جي اشاري تي ٿي ۽ آمريڪا سامراج سڄي دنيا ۾ اڄ سامراج جي واحد علامت آهي. جنهن تي سموري دنيا جو آزادي پسند، سامراج دشمن ۽ ترقي پسند ماڻهو لعنت ڪري ٿو ۽ ان کان نفرت ٿو ڪري ۽ هاڻي جڏهن سنڌي ماڻهن کي آمريڪا جي جهولي ۾ اڇلائيندا سون، آمريڪا جي چوڻ تي اٿاريندا سين ان وقت ۾ اسان اهڙو محسوس ڪريون، اهڙو سمجهون ته ان وقت اهو ٿيندو ته اسان سنڌي قوم کي سموري دنيا جي سامراج دشمن، ترقي پسند، محب وطن ماڻهن کان ڪٽي ڇڏيو، ڌار ڪري صرف آمريڪا جي جهولي ۾ اڇلائي ڇڏيو، معنيٰ سنڌ وارو عمل انهن جي چاڙتن ڪيو، جن سنڌي قوم کي آمريڪا جي جهولي ۾ اڇلائڻ جي ڪوشش ڪئي.

اسان (جيئي سنڌ وارن) ته آمريڪا سامراج ۽ ان جي پلونگڙي پنجاب کان سنڌي ماڻهن کي ڌار

جي حڪومت لٿو پيو چوان بنگلاديش جي عوام جي همدرديءَ کان محروم ٿيو، آمريڪا جي هنج ۾ جهڪو ڪريو سو ايران جي عوام جي همدرديءَ کان محروم ٿيو، آمريڪا جي هنج ۾ جهڪو ڪريو سو شام جي عوام جي همدرديءَ کان محروم ٿيو، آمريڪا جي هنج ۾ جهڪو ڪريو سو افغانستان جي عوام جي همدرديءَ کان محروم ٿيو آمريڪا جي هنج ۾ جهڪو ڪريو سو ڪيوبا جي عوام جي همدرديءَ کان محروم ٿيو، آمريڪا جي هنج ۾ جهڪو ڪريو سو لبيا جي عوام جي همدرديءَ کان محروم ٿيو، آمريڪا جي هنج ۾ جهڪو ڪريو سو رومانيا، بلغاريه، يوگوسلاويه، چيڪوسلاويه جي عوام جي همدرديءَ کان محروم ٿيو، معنيٰ آمريڪا جي هنج ۾ ڪيرائي سموري دنيا جي آزادي پسند، سامراج دشمن ماڻهن کان سنڌي ماڻهن کي ڪٽين هي (هي ايم آر ڊي وارا) تا نه ڪي اسين. ان ڪري هي (ايم آر ڊي وارا) سنڌي ماڻهن کي اڪيلو ڪري مارائڻ وارا آهن.

ختم

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَڻَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَڻَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ باروڊَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

… …

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:

… …

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

… … … …

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيکي بہ ڪٿين، جيکي بہ ڪٿين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻچاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَئَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

ونڻ ونڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)